# فاروق اعظم جو خوفِ خدا

رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه

21/09/2017



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ط

# فاروق اعظم جو خوفِ خدا

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ اللہ وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ اللہ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ اللہ وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ اللہ

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي نفلي اعتڪاف جي نيّت ڪري وٺو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ نفلي اعتڪاف جو ثواب حاصل ٿيندو رهندو ياد رکومسجد ۾ڪائڻ پيئڻ سمهڻ يا سحري افطاري ڪرڻ ايتري تائين جو آب زم زم يا دم ڪيل پاڻي پيئڻ جي بہ شرعًا اجازت ناهي جيڪڏهن اعتڪاف جي نيت هوندي تہ هي سڀ شيون ضمنًا جائز ٿي وينديون اعتڪاف جي نيت بہ صرف کائڻ پيئڻ سمهڻ جي لاءِ نہ هجڻ کپي بلڪ ان جو مقصد الله تعالي جي رضا هجي ـ

## دُرود شريف جي فضيلت

فرمانِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ آهي: جڏهن خميس جو ڏينهن ٿيندو آهي الله عَزَّ وَجَلَّ فرشتن کي موڪليندو آهي جن وٽ چاندي جا ڪاغذ ۽ سون جا قلم هوندا آهن، اهي لکندا آهن تہ ڪير خميس ۽ جمعي جي رات مون تي ڪثرت سان درود پاڪ پڑهندو آهي. (اَلْفِردَوس بمأثور الْخِطاب ج١ص١٨٤ حديث ٦٨٨)

یا نبی! تجھ پہ لاکھوں دُرُود و سلام　　اس پہ ہے ناز مجھ کو ہُوں تیرا غلام
اپنی رحمت سے تُو شاہِ خَیرُ الْاَنَام　　مجھ سے عاصی کا بھی ناز بردار ہے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب!　　صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نِيّتون ڪري وٺون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: "نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ" يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي.

(المعجم الكبير،ص 185، الحديث: 5942)

**ٻہ مدني گُل:**(1) بغير سٺي نيّت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو. (2) جيتريون سٺيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

۞ نگاهون جهڪائي پوري توجه سان بيان ٻڌندس ۞ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وڇائي ويهندس ۞ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ۞ ڌِڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ چِڙٻ ڏيڻ ۽ اُلجهڻ کان بچندس ۞ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذْكُرُوا الله , تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ۞ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب!　　صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## جهنّم جي دل ڏڪائيندڙ ڪيفيت

امير المُومِنين حضرت سيدنا عمر بن خطاب رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہ حضرت سيدنا كعبُ الاحبار رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہ (مشهور تابعي بزرگ) کي ارشاد فرمايو: اي كعب (رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہ)! اسان کي کجھ ڊپ واريون ڳالهيون ٻڌائي! حضرت سيدنا كعب الاحبار رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہ حڪم تي عمل ڪندي عرض ڪيائون: يا اميرالمومنين! جيڪڏهن اوهان قيامت جي ڏينهن ستر انبيائن جا اعمال بہ آڻيو تڏهن بہ محشر جا احوال ڏسي ان کي تمام گهٽ سمجهڻ لڳندؤ ، اهو ٻڌي اميرالمومنين رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہ ڪجھ دير جي لاءِ مٿو جهڪائي ورتو پوءِ جڏهن (رقت ۾) افاقو ٿيو (يعني ڪمي آئي) تہ ارشاد فرمايائون: اي كعب (رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہ) وڌيڪ ٻڌايو، عرض ڪيائون: يا اميرالمومنين! جيڪڏهن جهنم(hell) مان ڍڳي جي نڪ جي سوراخ جيترو حصو اوپر پاسي کوليو وڃي تہ اولهہ پاسي موجود شخص جو دماغ ان جي گرمي جي ڪري ٽهڪي ڪري وهي وڃي، ان تي اميرالمومنين (رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہ) ڪجھ دير جي لاءِ مٿو جهڪايائون، حضرت سيدنا كعب الاحبار رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہ وڌيڪ ٻڌايو: جڏهن قيامت جو ڏينهن ايندو تہ الله عَزَّوَجَلَّ اَوَّلين ۽ آخِرين (يعني سڀني اڳين پوين) کي هڪ ميدان ۾ جمع ڪندو،پوءِ فِرشتا نازل ٿي صفون ٺاهيندا ان کان پوءِ اللهعَزَّوَجَلَّ ارشاد فرمائيندو : اي جبرائيل عَلَيْهِ السَّلام جهنم کي وٺي اچ تہ حضرت جبرائيل عَلَيْهِ السَّلام جهنم کي ائين وٺي ايندا جو ان کي ستر هزار لغامن سان ڇڪيو ويندو، پوءِ جڏهن جهنم مخلوق کان سؤ سالن جي فاصلي تي رهجي ويندو تہ ايتري زور سان گرجندو جو مخلوق جون دليون ڌڪڻ لڳنديون، پوءِ جڏهن ٻيهر گرجندو تہ هر مُقَرَّب ملائڪ ۽ نبي مُرسَل گوڏن پر ڪري پوندو، پوءِ جڏهن ٽيون ڀيرو گرجندو تہ ماڻهن جون دليون ڳچي تي اچي وينديون ۽ عقل گهبرائجي ويندا، ايستائين جو حضرت سيدنا ابراهيم خليل الله عَلٰی نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلوٰةُ وَالسَّلام عرض ڪندا:

يا الٰهي عَزَّوَجَلَّ! تنهنجو خليل هجڻ جي صدقي صرف پنهنجي لاءِ سوال ڪيان ٿو، حضرت سيدنا موسيٰ ڪليم الله عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام عرض گذار ٿيندا: ياالهي عَزَّ وَجَلَّ! مان پنهنجي مُناجات جي صدقي صرف پنهنجي لاءِ سوال ڪيان ٿو، حضرت سيدنا عيسيٰ روح الله عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام عرض ڪندا: ياالٰهي عَزَّ وَجَلَّ! تو مون کي جيڪا عزت ڏني آهي ان جي صدقي مان صرف پنهنجي لاءِ سوال ڪيان ٿو. (اَلزَّواجِرُ عَنِ اقْتِرافِ الْكبائِر ج۱ ص ۴۹، ملتقطاً،از نيڪي ڪي دعوت، ص۳۳۹)

جَلا دے نہ نارِ جہنّم کرم ہو پئے بادشاہِ اُمم یاالٰہی
مجھے نارِ دوزخ سے ڈر لگ رہا ہے ہو مجھ ناتُواں پر کرم یاالٰہی
تُو عطّار کو بے سبب بخش مولیٰ کرم کر کرم کر کرم یاالٰہی

وسائلِ بخشش مرمم ص111،110

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڀڙو اوهان بروزِ قِيامت جڏهن جَهنَّم کي آندو ويندو تہ اهو ڪهڙو جان ڳاريندڙ مَنظَر هوندو؟ ٿورو تَصوُّر ڪريو! هن وقت سج چار هزار(4000) سالن جي مفاصلي تي آهي ۽ ان جو پويون حصو هن طرف آهي، قيامت جي ڏينهن سج صرف سوا ميل جي مفاصلي تي هوندو ۽ ان جو اڳيو حصو هن طرف هوندو. ميجالا ٿهڪندا ۽ ايتري ڪثرت سان پگهر وهندو جو سترگز زمين ۾جذب ٿي ويندو، پوءِ جيڪو پگهر زمين نہ پي سگهندي اهو مٿي چڙهڻ لڳندو، ڪنهن جي پيڏين تائين هوندو، ڪنهن جي گوڏن تائين، ڪنهن جي چيلهہ تائين ڪنهن جي ڪُڇيءَ تائين ۽ ڪافر جي تہ وات تائين چڙهي لغام وانگر جڪڙجي ويندو، جنهن ۾ هو غوطا کائيندو. ان گرمي جي حالت ۾

www.dawateislami.net

اج جي جيڪا ڪيفيت هوندي اها بيان ڪرڻ جي محتاج ناهي، زبانون سُڪي ڪندا تي ويندیون، ڪيترن جون زبانون وات کان ٻاهر نڪري ايندیون،دليون اُبري ڪري ڳچيءَ تائين اچي ويندیون،هرگنهگار کي ان جي گناهه برابر تڪليف ۾ مبتلا ڪيو ويندو، پوءِ ايترين مصيبتن جي باوجود ڪير بہ ڪنهن جو حال پڇڻ وارو نہ هوندو، ڀاءُ ڀاءُ کان ڀڄندو، **ماءُ پيءُ** اولاد کان جان ڇڏائيندا،گهرواري ۽ ٻار الڳ جان ڇڏائيندا، هر ڪو پنهنجي پنهنجي مصيبت ۾ ڦاٿل، ڪير ڪنهن جو مددگار هوندو.....! (غيبت کي تباه کارياں،ص۱۵۷، ملتقطاً) اهي سَڀ مصيبتون ڇا گهٽ هونديون جو اهڙي سخت وَقت ۾ جَهنَّم کي بہ آندو ويندو تہ ان وقت جهنم جي ڀڙڪڻ سان مَخلُوق جون دليون ڏڪي وينديون، مطلب!ميدانِ محشر جون سختيون اهڙيون هونديون جو وڏا وڏا نيڪ عمل بہ اتي گهٽ محسوس ٿيندا، وڏن وڏن هوشيارن جي عقلن جا چراغ وسامي ويندا، ايستائين جو انبياءِ ڪرام عَلَيْهِم السَّلَام جيڪي يقيناً بخشيل آهن، اهي بہ نفسي نفسي جو فرياد ڪندا، غور ڪريو! تہ ان ڏکئي وقت ۾ اسان جو ڇا ٿيندو؟

اج اسان ننهن کان چوٽي تائين گُناهن ۾ غرق آهيون، رات ڏينهن غفلتن ۾ گذري رهيا آهن، هميشہ رهڻ واري زندگي کي وساري هن دنيا جي عارضي حياتي تي آس لڳائي ويٺا آهيون، ڌن ڪمائڻ جي ڌُن ۾ اسان اهڙا مگن آهيون جو پنهنجي پيدائش جو حقيقي مقصد وساري ويٺا آهيون، اسان کي نہ موت جي سختين جي پروا آهي نہ قبر جي اونداهي جو ڪجهه خوف، ٿورو سوچيو! تہ اسان ميدانِ محشر جي سختين کي ڪيئن برداشت ڪري سگهنداسين؟ تنهنڪري اسان جي بهتري انهيءَ ۾ آهي تہ پاڻ ۾ خوفِ خدا پيدا ڪريون، پنهنجي آخرت جي فڪر ڪريون، نيڪ عملن جي ڪثرت ڪريون، گناهن کان پري رهون ۽ نيڪ ماڻهن جون صحبتون اپنايون. ياد رکو! شيطان اسان جو

www.dawateislami.net

دشمن آهي هو مردُود ڪڏهن به نه چاهيندو ته اسان گناهن پري راهه ڇڏي نيڪين واري واٽ تي هلون، ان ڪري هو طرح طرح جا وسوسا بطورِ مشوره اسان جي ذهنن ۾ وجهڻ جي ڪوشش ڪندو، مثال طور جَذباتي فيصلو سنو ناهي هوندو، آهستي آهستي پنهنجي اِصلاح ڪجان. هڪ دَم سان مولوِي نه ٿجا، هٿو هٿ سُنّتن جي تَربِيت جي مَدَني قافلي ۾ سَفر ڪرڻ مُناسِب ناهي، بَس آهسته آهسته ڪوشِش جاري رک! اجا ته سڄي زندگي پئي آهي، اجا ته تنهنجي عُمر(Age) ئي ڇا آهي، اجا ته شادي به ناهي ٿي، شادي ڪان بعد ڏاڙهي وڌائجان بلڪ حَج تي هليو وڃجان ۽ مَديني مُنوَّره مان ڏاڙهي رَکي اچجان، جڏهن پُوڙهو ٿئي ته عِمامو ٻڌجان وغيره وغيره .

حُبِّ دُنیا میں دل پھنس گیا ہے نَفسِ بدکار حاوِی ہوا ہے
ہائے شیطاں بھی پیچھے پڑا ہے یا خدا تجھ سے میری دُعا ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ياد رکو! اهي سَيئي شيطاني خيال انتهائي خَطَرناڪ آهن. آهسته آهسته سُڌرڻ جو ذهن ٺاهڻ ۾ نُقصان ئي نُقصان آهي. هن سان جتي گُناهن ۾ اضافو ٿي سگهي ٿو، اتي هن ڳالهه جي به ڪا گارنٽي ناهي ته اسان کي تَوبه ڪرڻ جي مُهلت ملندي به يا نه؟ ڇوته موت صرف پُوڙهن، ڪينسر (Cancer) يا دِل(Heart) جي مريضن کي ايندو هجي، ائين نه آهي. روزانو خبر ناهي ڪيترا ئي طاقتور نوجَوان حادِثن جو شڪار ٿي اوچتو موت جو شڪار ٿيندا آهن. هن ڪان پهريان جو موت اچي ۽ اسان جي پساهه واري مالا ٽُٽي وڪرجي وڃي هڪدم پنهنجي ربّ جي بارگاهه ۾ جهڪڻ گهرجي، گناهن ڪان سچي پڪي توبه ڪرڻ گهرجي ۽ نيڪين جي راهه تي هلڻ گهرجي.

www.dawateislami.net

بڑی کوششیں کی گناہ چھوڑنے کی رہے آہ! ناکام ہم یاالٰہی!
مجھے سچی توبہ کی توفیق دیدے پئے تاجدارِ حرم یاالٰہی!

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## نماز ۾ آهه زاري!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هيٺئر اسان هڪ حڪايت ۾ ان مان حاصل ٿيندڙ مدني گلن ۾ ميدانِ محشر جي ڪيفيتن سان گڏوگڏ اَمِيرُالمؤمنين حَضرتِ سَيِدُنا عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہ جو خوفِ خدا بہ ملاحظہ ڪيو. سندن شمار عشره مبشره (عشره مبشره يعني اهي 10 خوش نصيب صحابي سڳورا عَلَیھِمُ الرِّضْوَان جن کي مالڪِ جنت ۽ ڪوثر، شفيعِ محشر صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ انهن جي زندگي ۾ ئي انهن کي جنّت جي بشارت عطا فرمائي) ۾ ٿئي ٿو، نبي ڪريم صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جا فيض يافتہ ۽ تربيت يافتہ آهن، ڪامل علم ۽ عمل وارا ۽ وقت جا اَمِيرُالمؤمنين يعني مُسلمانن جو خليفا (Caliph) هئڻ جي باوُجُود پاڻ خوفِ خدا سبب اڪثر آهہ زاري ڪندا هئا، نماز ۾ خوفِ خدا بابت آيتون پڙهي سندن حالت غير ٿي ويندي هئي

سندن شهزادا صحابي رسول،حضرت سَيِدُنا عبدُاللّٰہ بن عمررَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہُمَا فرمائن ٿا تہ مون اَمِيرُالمؤمنين حَضرتِ سَيِدُنا عمر رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہ جي پٺيان نماز ادا ڪئي تہ مون 3 صفن جي پٺيان سندن روئڻ جو آواز ٻڌو. (حلية الاولياء،عمر بن الخطاب، ۱/۸۸،از فيضان فاروقِ اعظم، ۲/۵۳)

حضرت سَيِدُنا عبداللّٰہ بن سائب رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہ کان روايت آهي تہ هڪ ڀيري اَمِيرُ المؤمنين حَضرتِ سَيِدُنا عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہ کي ڪنهن سبب عشا جي نماز ۾ دير (Delay) ٿي وئي تہ مون نمازِ عشا جي امامت ڪرائي،

www.dawateislami.net

پاڻ بعد ۾ تشريف کڻي آيا ۽ نماز ۾ شامل ٿي ويا. مون سُوْرَةُ الذّٰرِيات جي تلاوت ڪئي ۽ جڏهن مان هن آيتِ مبارڪہ (آيت نمبر 22) تي پهتس:

﴿وَ فِي السَّمَآءِ رِزْقُكُمْ وَ مَا تُوْعَدُوْنَ ﴿۲۲﴾ ترجموڪنزالايمان: ۽ آسمان ۾ توهان جو رِزق آهي ۽ توهان کي جنهن جو واعدو ڏنو وڃي ٿو ﴾ تہ سَيِدُنا فاروقِ اعظم رضي الله تعالیٰ عنه وڏي آواز سان روئڻ لڳا.

(ڪنزالعمال، ڪتاب الفضائل، باب فضائل الصحابة، فضائل الفاروق،الجزء ١٢، ٦/٢٥٧، حديث: ٣٥٨٨)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## سيرتِ فاروقي جا مظهر بڻجي وڃو:

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! يقيناً نماز کي ان جي حقيقي لذّت سان ادا ڪرڻ ئي عبادت جي معراج آهي ۽ حضرت سَيِدُنا فاروقِ اعظم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْه خُشوع ۽ خضوع سان نماز ادا ڪندا هئا، نماز ۾ خوفِ خدا سان روئندا ۽ عبادت جو حقيقي لُطف ماڻيندا هئا، پر اَفْسوس! جڏهن تہ اسان جو حال شايد ان جي بلڪل ابتڙ آهي، اسان کي تہ خُشُوع ۽ خُضُوع جي معنيٰ بہ خبر نہ هوندي تہ خُشُوع ۽ خُضُوع ڇا کي ٿا چون، نماز جا فرض ۽ واجب، نماز جون سُنّتون ۽ ان جي مُستحبّن جي اسان کي شايد صحيح طرح معلومات ئي نہ هجي، ياد رکو! حُقُوقُ الله ۾ نَماز گهڻي اَهمِّيت رکندڙ آهي، جنهن جو اَندازو هن ڳالھ مان لڳائي سگهجي ٿو تہ بروزِ قِيامَت سڀ کان پهريان ان جي باري۾ سوال ڪيو ويندو.حَدِيثِ پاڪ ۾ آهي " اَوَّلُ مَايحَاسَبُ بِه الْعَبْدُ يوْمَ الْقِيامَةِ صَلَا تُه" يعني سياڻي قِيامَت جي ڏينهن بانهي کان سڀ کان پهريان ان جي نماز جي باري ۾ سوال ٿيندو. تنهنڪري اسان کي گهرجي تہ نَماز کي پنهنجي سمورن دنياوي

معاملن تي ترجيح ڏيون ۽ نماز جو وَقت ٿيندي ئي سڀئي ڪم ڪار ڇڏي نماز جي تياري ۾ مَصروف(Busy) ٿي وڃون ۽ نِهايت ئي خُشُوْع ۽ خُضُوْع سان باجماعت نَماز اَدا ڪريون ڇوتہ صحيح طور سان نَماز پڙهڻ سان جتي دِين ۽ دُنيا جون بي شُمار برڪتون حاصل ٿينديون آهن، اتي ان جو هڪ بهترين اُخْرَوِي فائدو هي بہ آهي تہ سڀاڻي بروزِ قِيامَت اها نَماز اسان جي نَجات ۽ مَغْفِرت جو سبب بڻجي ويندي. جيئن تہ

## خُشُوع و خُضُوع سان نَماز پڙهڻ واري جي بخشش

نَبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشادفرمايو: اللّٰه عَزَّ وَجَلَّ پنج (5) نمازون فَرض ڪيون آهن، جيڪو ان جي لاءِ بهتر طَريقي سان وضو ڪري ۽ انهن کي انهن جي وَقت ۾ اَدا ڪري ۽ ان جا رُڪوع ۽ سجدا، خُشُوع سان پورا ڪري تہ اللّٰه عَزَّ وَجَلَّ جي ذمّہ ڪرم تي آهي تہ ان جي بخشش فرمائي ۽ جيڪو انهن کي اَدا ناهي ڪندو تہ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي ذِمّي ان جي لاءِ ڪجهہ ناهي، چاهي تہ ان کي مُعاف ڪري ۽ چاهي تہ ان کي عَذاب ڏي.

(سنن ابوداؤد ، ڪتا ب الصلوة ، با ب المحا فظة علي وقت الصلوات، ج١، ص ١٨٦، رقم :٤٢٥)

اي ڪاش! اسان بہ سيرتِ فاروقي تي عمل ڪرڻ وارا بڻجي وڃون، اي ڪاش! انهن جي عبادت واري جذبي جي صدقي اسان بہ خُشوع ۽ خُضوع سان عبادت ڪرڻ وارا بڻجون، اي ڪاش! سندن جي خوفِ خدا ۽ تقوي جي صدقي اسان بہ خوفِ خدا سبب روئڻ وارا بڻجي وڃون.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

تِرے خوف سے تیرے ڈر سے ہمیشہ
میں تھر تھر رہوں کانپتا یاالٰہی

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

www.dawateislami.net

## ڪتاب”فيضانِ فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہ“ جو تعارُف

عاشقِ ماهِ رسالت، پيڪرِ عدل ۽ انصاف، حضرت سَيِّدُنا عمر فاروق رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہ جي سيرت ۽ سندن خوفِ خدا بابت وڌيڪ معلومات جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي اِشاعتي اداري مڪتبۃُ المدينہ جو شايع ٿيل ڪتاب”فيضانِ فاروقِ اعظم“ جو مُطالَعو ڪرڻ گهڻو مُفيد آهي. هن ڪتاب ۾ فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہ جي سيرت جا مختلف حَسين پهلو، مثال طور سندن ننڍپڻ، جواني، قبولِ اسلام کان پهريان ۽ بعد جو احوال، سندن اَوصاف، هجرت ۽ غزوات، جان نثاري ۽ وَفا شعاري جا ايمان افروز واقعا ۽ پاڻ جي زندگي جي بين روشن پهلوئن کي اِنْتهائي دِلڪش انداز ۾ تحرير ڪيو ويو آهي، تہ پوءِ اڄ ئي هن ڪتاب کي مڪتبۃ المدينہ جي بستي تان هَدِيۃً طلب فرمايو، پاڻ بہ ان جو مُطالعو ڪيو ۽ بين اسلامي ڀائرن کي بہ ترغيب ڏياريو. دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ www.dawateislami.net تان هن ڪتاب کي رِيڊ (يعني پڙهي) بہ سگهجي ٿو، ڊاؤن لوڊ (Download) ۽ پرنٽ آؤٽ (Print Out) بہ ڪري سگهجي ٿو.

## فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہ جو تعارف:

مَنا مَنا اسلامي ڀائرو! اَمِيرُالمؤمنين حَضرتِ سَيِّدُنا عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہ جي خوفِ خدا جي باري ۾ وڌيڪ واقعا ٻڌي انهن مان حاصل ٿيڻ وارن مدني گلن کي پنهنجي دل ۾ سجائيندا وڃو . اچو! هن کان اڳ ۾ سندن تعارف (Introduction) ٻڌون ٿا.

♣ سندن جي ڪُنيت”اَبُوحَفص“ ۽ لقب ”فارُوقِ اَعظم“ آهي. ♣ هڪ روايت ۾ آهي پاڻ 39 مَردن کان بعد، خاتَمُ الْمُرْسَلِين، رَحمَۃٌ لِّلْعٰلَمِين صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ

جي دُعا سبب اِعلانِ نُبُوّت جي ڇهين سال اِيمان قبول ڪيو، ان ڪري اوهان ڪي مُتَمِّمُ الاَربَعِين يعني ”40 جو عَدد پُورو ڪرڻ وارو“ چوندا آهن. ♣ سندن جي اِسلام قبول ڪرڻ سان مُسلمانن کي گهڻي خُوشي ٿي ۽ انهن کي تمام وڏو سهارو مليو ويو، ايستائين جو حُضُور رحمتِ عالَم،جانِ عالَم صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ مُسلمانن سان گڏجي حَرَم ِمُحتَرم ۾ اِعلانيه نَماز اَدا فرمائي. ♣ پاڻ اِسلامي جنگن ۾ مُجاهدانه شان سان شريڪ ٿيا ۽ تمام مَنصُوبه بندين ۾ شاه خَيرُالاَنام، رسُولِ اڪرم صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي وزير ۽ مُشير جي حَيثيت سان وَفادار ۽ رفيق رهيا. ♣ خليفه اَوّل، اَمِيرُالْمُؤمِنِين حضرتِ سَيدُنا ابُوبڪر صِدِّيق رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡه پاڻ کان بعد حضرتِ سَيدُنا فارُوقِ اَعْظَم رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡه کي خليفو چونديو، ♣ اوهان تَخْتِ خِلافت تي رَونق اَفروز ٿي جانَشِينيِ مُصطَفٰي صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جون سموريون ذِمّيواريون تمام سُٺي انداز سان سر اَنجام ڏنيون.♣ پاڻ مُرادِ رسول هئا (يعني رسول الله صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي دُعائن جي قبوليت جو نتيجو هو) ♣ سندن جو قلب انوارِ الٰهي سان خوب روشن هو، شمعِ رسالت، ماهِ نبوت صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سان روشني ماڻڻ کان بعد اوهان نورِ هدايت جو اهڙو سرچشمو بڻيا بلڪ جيڪو سندن نقشِ قدم تي هليو، ان به پنهنجي دنيا ۽ آخرت روشن ڪري ورتي، ♣ پاڻ بصيرت ۽ دانشمندي جا روشن چراغ هئا، مستقبل جي پردن ۾ ڳجهن واقعن جو پهريان ئي اِدراڪ ڪندا هئا، سچ ۽ ڪوڙ جي سڃاڻپ ۾ مڪمل مهارت رکندا هئا، ♣ سندن جي جرئت ۽ بهادري، عاجزي ۽ سادگي، همت ۽ مردانگي، حوصلو ۽ استقامت، ديانت ۽ امانت، ذهانت ۽ فَطانت ۽ صبر جا مثال اڄ به تاريخ جي ورقن ۾ نقش آهن.♣ سندن جي ذاتِ مبارڪ ۾ به انساني خواهشون موجود هيون، پر سندن شان ۽ عظمت هي هو جو نه ته ڪڏهن بک (Hunger) جي شدت ۾ ڪو ناپسنديده فعل

صادر ٿيندو هو نہ نفساني خواهشن جي پيروي ڪندا هئا، نہ ئي ڪاوڙ ۾ ڪڏهن اعتدال جي دامن کي ڇڏيندا هئا ۽ نہ ڪڏهن خوشي ۾ يادِ خدا کان غافل ٿيندا هئا.♣ اوهان پنهنجي هڪ هڪ عادت کي سنّتن جو پيڪر بڻائي رکيو هو، مطلب تہ پاڻ گفتار ۽ ڪردار جا حقيقي غازي هئا. آخرڪار نَمازِ فَجْر ۾ هڪ بدبخت سندن تي خنجر سان وار ڪيو ۽ پاڻ زَخمن کي نہ سهندي ٿئين ڏينهن شَرفِ شَهادَت سان سَرفَراز ٿيا. وَفات وقت سندن عُمر شريف 63 سال هئي.♣ حضرتِ سَيدُنا صُهيب رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه اوهان جي نَمازِ جنازه پڙهائي ۽ گوهرِ ناياب، فيضانِ نَبُوَّت سان فَيض ياب خليفہ رِسالت مآب حضرتِ سَيدُنا عمر بن خطّاب رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه روضہ مُبارَڪ جي اندر حضرتِ سيدُنا صِدّيقِ اَڪبر رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه جي پهلو اَنور ۾ دفن ٿيا، جيڪي سرڪارِ اَنام صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي مُبارَڪ پهلو (Side) ۾ آرام فرما آهن.

(الرّيا ض النضرة في مناقِب العَشرة ، ج ١،ص ٢٨٥، ٤٠٨، ٤١٨، ملخصاً)

شہادت اے خُدا عطارؔ کو دیدے مدینے میں
کرم فرما الٰہی! واسطہ فاروقِ اعظم کا

(وسائل بخشش مرمم، ص527)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## فاروقِ اعظم جو خوفِ خدا:

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! سَيدُنا فاروقِ اعظم رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه هنن بي شمار خوبين سان گڏوگڏ خوفِ خدا، تقويٰ ۽ پرهيزگاري جا خُوگر هئا، سندن جي نصيحت ڀري گفتگو خوفِ خدا سان ڀرپور هوندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن پاڻ تي خوفِ خدا جو اهڙو غلبو ٿيندو هو جو قبر وحشر جي حساب وڪتاب جي خوف سان

www.dawateislami.net

هن ڳالھ جي تمنّا ڪندا هئا: ”اي ڪاش! مان پنھنجي گھر وارن جو دنبو هجان ها هو خوب ڪارائن پيئارين هئا ايستائين جو مان گھٽو تلهو ٿي وڃان ها. پوءِ انهن جا پيارا دوست مهمان بڻجن ته اهي مون کي انهن جي لاءِ ذبح ڪن ها، منھنجي ڪجھ گوشت کي ڀڃن ها، ڪجھ جا ننڍا ننڍا ٽڪر (Pieces) ڪري کائن ها، اي ڪاش! مان انسان نہ هجان ها.

(شعب الايمان للبيهقي، باب في الخوف من الله تعالي، ۴۸۵/۱،حديث:۷۸۷، ازفيضانِ فاروقِ اعظم،۱۵۲/۱)

هڪ ڀيري پاڻ زمين تان هڪ مٽي جو پتر کنيو ۽ فرمايائون: ”اي ڪاش! مان مٽي جو پتر هجان ها، اي ڪاش! منھنجي ماءُ مون کي نہ ڄڻين ها، اي ڪاش! مان ڪجھ بہ نہ هجان ها، اي ڪاش! مان وساريل شيءِ هجان ها.

(مصنف ابن ابي شيبة، کتاب الزهد، کلام عمر بن خطاب، ۱۵۲/۸، حديث:۳۹، از فيضانِ فاروقِ اعظم، ۱۵۳/۱)

کاش کہ نہ دنیا میں پیدا میں ہوا ہوتا　　قبر و حشر کا ہر غم ختم ہو گیا ہوتا
آہ! سَلبِ ایماں کا خوف کھائے جاتا ہے　　کاشکے مری ماں نے ہی نہیں جنا ہوتا

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب!　　صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ٻڌو اوهان تہ اَمِيرُالمؤمنين حَضرتِ سَيدُنا عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْہ خوفِ خدا جي سبب رب عَزَّوَجَلَّ جي خُفيہ تدبير کان ڊڄندي عاجزي ڪندي دنبو ۽ مٽي جو پتر بڻجڻ جي خواهش ڪري رهيا آهن، چاڪاڻ تہ مٽي ۽ جانور کي بُري خاتمي جو خوف ناهي ٿيندو، اُنهن کي سڪرات جي سختين ،قبر جي وَحشتن ۽ جهنَّم جي سزائن سان واسِطو نہ پوندو. غور ڪريو تہ جڏهن حضرت سَيدُنا فاروقِ اعظم رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْہ قطعي جنّتي هئڻ جي باوجود الله عَزَّوَجَلَّ جي خُفيہ تدبير کان بي خوف نہ آهن، تہ اسان کي الله عَزَّوَجَلَّ جي خُفيہ تدبير جو ڪيتري قدر خوف ۽ ايمان جي سلامتي جو ڪيترو وڌيڪ

www.dawateislami.net

فکر(Worry) ڪرڻ گهرجي .

اعليٰ حضرت امامِ اهلسنت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيْه فرمائن ٿا تہ عُلماءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللهُ السَّلَام فرمائن ٿا: جنهن کي (زندگي ۾) سلبِ ايمان (ايمان کسجڻ) جو خوف نہ هجي، سڪرات جي وقت ان جو ايمان کسجڻ جو شديد خطرو آهي.انهيءَ ڪري تہ الله عَزَّ وَجَلَّ اسان کي پنهنجي خوف کان ڊڄڻ ۽ آخري پساهہ تائين اسلام تي ثابت قدم رهڻ جي تاڪيد ڪندي سپارو 4 سُورَہ آلِ عِمران جي آيت نمبر102 ۾ ارشاد فرمايو آهي:

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوا اتَّقُوا اللّٰهَ حَقَّ تُقٰتِهٖ وَلَا تَمُوۡتُنَّ اِلَّا وَاَنۡتُمۡ مُّسۡلِمُوۡنَ ﴿۱۰۲﴾

ترجمو ڪنز الايمان : اي اِيمان وارؤ! الله کان ڊِڄو جيئن اُن کان ڊِڄڻ جو حق آهي ۽ اوهان مُسلمان ٿِي ئِي مَرو

مشهور مُفسّرِقرآن حضرتِ مفتي احمد يار خانرَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيْه هن آيتِ سڳوري تحت فرمائن ٿا: هن مان معلوم ٿيو تہ اسلام تي خاتمو ٿيڻ جو اِعتبار آهي، جيڪڏهن سڄي عمر مومن رهيا، مرڻ وَقت ڪافر ٿي وڃي تہ هو اصلي ڪافر وانگر آهي، الله عَزَّوَجَلَّ پلو خاتمو نصيب فرمائي.

اٰمِيۡن بِجَاهِ النَّبِيِّ الۡاَمِيۡن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان جي بُزرگ سڳورا الله عَزَّ وَجَلَّ جي خوف سان روئڻ وارا،ان جي خفيہ تدبير کان ڊڄڻ وارا، ايمان جي حفاظت جي لاءِ تڙپڻ وارا هئا، بيشڪ هي ايمان جي حقيقي معني ۾قدر دان هئا، انهن کي پنهنجي آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي هن فرمان ”اِنَّمَاالۡاَعۡمَالُ بِالۡخَوَاتِيۡم“ اعمال جو دارو مدار خاتمي تي آهي. (بخاري،ڪتاب القدر،باب العمل بالخواتيم،٤/٢٧٤،حديث:٦٦٠٧) تي پورو پورو يقين هوندو هو جڏهن تہ انهن جا ڏينهن رات صرف انهيءَ فڪر ۾ گذرندا هئا جو ڪٿي اسان جو ايمان اسان کان کسجي نہ وڃي، ايمان سلامت رهيو تہ آخرت ۾ عيش ۽ راحت جو سامان آهي ۽ ايمان سلب ڪيو ويو تہ عمل بہ برباد (Destroy) ٿيندا ۽ ٻنهي جهان ۾ ذِلّت ۽ رُسوائي کي منهن ڏيڻ پوندو،

تنهنڪري اسان کي گهرجي تہ فاني دُنيا جي ڏوڪي ۾ مبُتلا رهڻ ۽ پنهنجو قيمتي وقت فضوليات بلڪ ناجائز ۽ حرام ڪمن ۾ برباد ڪرڻ بدران الله عَزَّوَجَلَّ جي نيڪ ٻانهن جي نقشِ قدم تي هلندي ايمان جي حفاظت جي لاءِ ڪوشش ڪريون، اٿندي ويهندي توبہ ۽ اِستِغفار ڪريون ۽ پنهنجي ظاهر ۽ باطن کي گُناهن کان پاڪ رکون، هر عمل الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا جي لاءِ ڪريون ۽ هر وقت الله عَزَّوَجَلَّ جي خفيہ تدبير کان ڊڄندا رهون، حضرت سَيِدُنا فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہ قطعي جنّتي هئڻ جي باوجود الله عَزَّ وَجَلّ جي خفيہ تدبير کان گهڻو ڊڄندا هئا.

## خفيہ تدبير کان ڊڄڻ

نبي ڪريم، رووٴفٌ رَّحيم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ سندن کي جنّت جي بشارت عطا فرمائي پر ان جي باوُجُود پاڻ فتنن ۽ مُنافقن بابت احوال ۾ حضور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي راز دار صحابي حَضرت سَيِدُناحذيفہ رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہ کان پڇيا ڪيائون: اي حُذيفہ! ڇا مُنافقن ۾ منهنجو نالو بہ آهي؟ تہ حَضرت سَيِدُنا حذيفہ رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہ عرض ڪيو: اي امير المؤمنين! الله عَزَّ وَجَلّ جو قسم! اوهان انهن مان نہ آهيو. حَضْرت سَيِدُنا عمر رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہ کي هي انديشو ٿيو تہ ڪٿي منهنجي نفس منهنجي احوال کي مُشتَبہ (Doubtful) تہ ناهي ڪيو ۽ منهنجي عيبن کي مون کان لڪايو تہ ناهي، ۽ هي خوف ايترو گهڻو هوندو هو جو انهن رسولِ ڪائنات ،فَخرِ موجودات صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي طرفان ملڻ واري جنَّت جي بشارت کي ڪجهہ اهڙن شرطن سان ڳنڍيو جيڪي پاڻ ۾ نہ هيون، تنهنڪري پاڻ ان بشارت مان پنهنجي پاڻ کي مطمئن (Satisfy) نہ ڪيائون.

خوفِ خدا جي سبب سندن حال هي هو جو ڪڏهن ڪڏهن ننڍن ننڍن ٻارن جو هٿ پڪڙي وٺي ايندا ها ۽ انهن کي چوندا ها: اُدۡعُ لِي فَاِنَّكَ لَمۡ تَذۡنَبۡ بَعۡدُ يعني منهنجي لاءِ دعا ڪريو ڇوتہ توهان اجا تائين گناهہ ناهي ڪيو.

www.dawateislami.net

(فيضانِ فاروقِ اعظم،١٦٦/١)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! حضرت سَيدُنا فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہ جي اها ڪيفيت اسان جي لاءِ فڪر جو مقام آهي! اسان جو حال هي آهي جو ڏينهن رات غفلتن ۾ ڪٽجي رهيا آهن، خوفِ خدا ۽ تقويٰ ۽ پرهيزگاري ڪان گهٽجو پري آهيون، ڪو چڱو عمل پڻ ناهي ڪيو، گناهن جو وزني بوجھ آهي پر اسان کي پنهنجي عاقبت جي ڪا پروا نہ آهي. جڏهن تہ هڪ مسلمان کي سڀ کان وڌيڪ عزيز پنهنجي آخرت ٿي هئڻ گهرجي. اللّٰه عَزَّ وَجَلَّ اسان کي پنهنجي آخرت جي فڪر ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

يامُصطفٰے! گناہوں کی عادتیں نکالو — جذبہ مجھے عطا ہو سُنَّت کی پَیروی کا
اِیماں پہ ربِّ رَحمت دیدے تُو اِستقامت — دیتا ہوں واسِطہ میں تجھ کو ترے نبی کا
کچھ نیکیاں کما لے جلد آخرت بنا لے — کوئی نہیں بھروسا اے بھائی! زِندَگی کا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## فاروقِ اعظم جي خوفِ خدا بابت صحابہ ڪرام جا قول:

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! يقيناً جڏهن ٻانهي ۾ اللّٰه عَزَّ وَجَلَّ جو خوف پيدا ٿيندو آهي تہ ان جي ڏينهن رات جا معمولات بدلجي ويندا آهن، ان جا ڏينهن رات عبادت ۾ گذرندا آهن. هو هن دنيا جي ناپائيدار زندگي تي ڀروسو (Trust) ڪرڻ بدران هميشہ باقي رهڻ واري زندگي کي ترجيح ڏيندو آهي.خوفِ خدا رکڻ وارو شخص اللّٰه عَزَّ وَجَلَّ ۽ ان جي رسول صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي فرمانبرداري ،خوفِ خدا سان اشڪباري، هر گهڙي تقويٰ ۽ پرهيزگاري سان گڏ سڄي زندگي قبر ۽ آخرت جي تياري ۾ گذاريندو آهي تہ ان جي صحبت ۾ رهڻ وارا ۽ قريبي افراد ان ۾ تبديلي محسوس ڪندا آهن. اَمِيرُالمؤمنين حَضرتِ سَيدُنا فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہ جي باري ۾ بہ ڪئي صحابہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان جي متفق

راءِ آهي تہ پاڻ وڏا متّقي، خوفِ خدا رکڻ وارا ۽ دُنيا کان بي رغبت رهڻ وارا انسان هئا. اچو! پاڻ جي باري ۾ صحابَہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان جا ڪجھ قول ٻڌون ٿا:

1. حضرت سيدُنا طلحہ بن عُبيدالله رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه فرمائن ٿا: مَا كَانَ عُمَرُ بْنُ الْخَطَّابِ بِاَوَّلِنَا اِسْلَاماً وَلَا اَقْدَمِنَا هِجْرَةً وَلٰكِنَّه كَانَ اَزْهَدَنَا فِی الدُّنْيا وَاَرْغَبَنَا فِی الْآخِرَةِ يعني امير المُؤمنين حضرت سيدُنا عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه نہ تہ اسان کان پهريان ايمان آندو ۽ نہ ئي اسان کان اڳ ۾ هجرت ڪئي، پر پاڻ اسان کان وڌيڪ دنيا کان بي رغبت ۽ آخرت جا شوقين (Fancier) هئا. (اسد الغابہ ،ج۴،ص۱٦٨)

2. حضرت سيدُنا سعد بن ابي وقاص رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه فرمائن ٿا: وَاللهِ مَا كَانَ عُمَرُ بِاَقْدَمِنَا هِجْرَةً وَقَدْ عَرَفْتُ بِاَيِّ شَیْءٍ فَضَّلَنَا كَانَ اَزْهَدَنَا فِی الدُّنْيا يعني الله عَزَّ وَجَلَّ جو قسم! اميرالمؤمنين حضرت سيدُنا عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه اسان کان اڳ ۾ هجرت نہ ڪئي، پر مون هن ڳالھ کي سمجهي ورتو تہ هو ڇو اسان کان فضيلت ۾ سبقت کڻي ويا؟ ۽ اها ڳالھ هي آهي تہ پاڻ اسان مان سڀ کان وڌيڪ زُهد ۽ تَقويٰ وارا هئا.'' (اسد الغابہ ،ج۴،ص۱٦٨)

3. حضرت سيدُنا امام جعفر صادق رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: كَانَ اَكْثَرُ كَلَامِ عُمَرَ اَللهُ اَكْبَرُ يعني اَمِيرُالمؤمنين حَضرتِ سَيدُنا عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه جي زبان تي اڪثر الله اڪبر جاري رهندو هو.' (الرياض النضرة ،ج۱،ص۳٦۴)

4. حضرت سيدُنا حسن رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه کان روايت آهي تہ اَمِيرُالمؤمنين حَضرتِ سَيدُنا عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه پنهنجو وظيفو پڙهڻ جي دوران ڪڏهن تہ ايترو روئندا هئا جو بيهوش ٿي زمين تي تشريف فرما ٿيندا هئا، هڪ ٻہ ڏينهن تائين پنهنجي گهران بہ نہ نڪري سگهندا هئا ۽ ماڻھو سندن تيمار داري جي لاءِ ايندا هئا.'' (شعب الايمان،ج۲،ص۳٦۴،حديث :۲۰۵٦)

بھٹک سکتا نہیں ہر گز کبھی وہ سید ھے رستے سے

کرم جس بخت وَر پر ہوگیا فاروقِ اعظم کا
خدا کے فضل سے میں ہوں گدا فاروقِ اعظم کا
خدا اُن کا محمد مصطفٰی فاروقِ اعظم کا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## 12 مَدَني ڪمن مان هڪ مدني ڪم "مَدني انعامات تي عمل"

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! تي سگهي ٿو ته حضرت سَيِدُنا عمر فاروقِ اعظم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه جي خوفِ خدا ۽ تقويٰ جي اعليٰ صِفّتن جي مدني خوشبوئن سان معطر ٿي اسان جو به مدني ذهن بڻيو هجي ته مون کي به خوفِ خدا جو پيڪر بڻڻو آهي، مون کي به پرهيزگار ٿيڻو آهي پوءِ اسان کي اهڙن ماڻهن جي صحبت (Company) حاصل ڪرڻي پوندي، جن جي صحبت سان اسان به خوفِ خدا ۽ تقويٰ ۽ پرهيزگاري جا پيڪر بڻجي وڃون، ان جي لاءِ دعوتِ اسلامي جو مدني ماحول بهترين مُعاون ۽ مددگار آهي. اوهان به هن مدني ماحول سان وابسته ٿيو، اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ عاشقانِ رسول جي صحبتن جي برڪت سان خوفِ خدا ۽ عشقِ مُصطفٰي جي دولت ملندي. 12مدني ڪمن ۾ وڌ کان وڌ حِصّو وٺو. ٻارهن (12)مدني ڪمن مان هڪ مَدَني ڪم، پنهنجي عملن جو مُحاسَبو ڪندي مَدني انعامات تي عمل ڪرڻ، روزانو فڪرِ مدينہ ڪري مدني انعامات جي رِسالي جا خانا پر ڪرڻ(يعني فڪرِ مدينہ ڪرڻ) ۽ مدني مهينو مڪمل ٿيندي ئي مدني انعامات جو رِسالو جمع ڪرائڻ به آهي. اسان جا اَسلافِ ڪرام رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيۡهِم اَجۡمَعِين به نه صرف پاڻ فڪرِ آخرت ۾ پنهنجي عملن جو مُحاسَبو ڪندا هئا. بلڪ ماڻهن کي به ان جو ذِهن ڏيندا هئا جيئن ته حضرت محمد بن علي ڪتّاني رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيۡه بيان ڪن ٿا: بظاهر ته توهان دُنيا ۾ رهو، پر دل آخِرت (جي

تياري) ۾ مَشغُول رهي. (طبقات الصوفية للسلمي، الطبقة الرابعة ، ص٢٨٣)

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ اميرِ اهلسُنَّت،باني دعوتِ اسلاميدَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه هن پُرفِتَن دَور ۾ آخِرَت جي تَيارِي جو ذِهن ڏيڻ لاءِ، نيڪيون ڪرڻ ۽ گُناهن کان بچڻ جي طَريقن تي مُشتَمِل مَدَني اِنعامات بَصُورتِ سُوالات عطا ڪيا آهن، تنهنڪري اسان کي بہ روزانو فڪرِمدينہ ڪندي، مَدَني اِنْعامات جو رِسالو پُر ڪري هر مَدَني مهيني جي پهرين تاريخ تي پنهنجي ذِمّيدار کي جَمع ڪرائڻ جو مَعمُول بڻائڻ گهرجي ۽ دعوتِ اسلامي جي مَدَني ماحول سان هر دم وابستہ رهڻ گهرجي، هن مَدَني ماحول سان وابستہ ٿيڻ جي برڪت سان اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ دِين ۽ دُنيا جون ڪوڙ ڀلائيون نصيب ٿينديون، اچو! اسلامي ڀائرن جي 72مدني انعامات مان مدني انعام نمبر 22 ”اِنفرادي ڪوشش“واري مدني اِنعام جي برڪتن سان مالا مال هڪ مَدَني بهار ٻڌو،

## مٿن ٻولن ۾ گم ٿي ويو

بابُ المدينہ (ڪراچي) جي رهائشي اسلامي ڀاءُ جي بيان جو لُبِّ لُباب آهي: مان گناهن جي سمندہ ۾ مُستَغْرق (ٻڏل هئس) پنهنجي زِندگي جا ’’انمول هيرا‘‘ غَفلت ۾ وڃا ئي رهيو هئس، رات دير تائين دوستن سان گڏ فضول ڪچهري ۾ مصروف رهڻ منهنجو معمول هو. 18 رَمَضانُ المبارڪ١٤٢٩ھ بمطابق 19 سيپٽمبر 2008ء جو حسبِ معمول اسان دوست گڏجي مذاق مسخري ۾ مشغول هئاسين، انهيءَ دوران دعوتِ اسلامي سان وابستہ هڪ عاشقِ رسول اسان وٽ آيا، اُنهن سلام ڪيو ۽ ويهي رهيا ۽ اسان کي نهايت عُمده مدني گلن سان نوازيو، اسان ان جي مٺن ٻولن ۾ گم ٿي وياسين. گفتگو دوران فڪرِ آخرت ۽ اِصْلاحِ اُمَّت جي موضوع (Topic) تي بہ ڳالهيون ٿيون ٻي رات اسان وري ساڳي هنڌ محفل سجائي ان اسلامي ڀاءُ جي انتظار ۾ هئاسين تہ هو آيا ۽ اسان کي دعوتِ اسلامي جي عالمي مدني مرڪز فيضانِ

مدينه هلڻ جي دعوت پيش ڪئي، مان ان سان گڏ فيضانِ مدينه پهچي ويس. اتي جي رُوح پَرور مدني ماحول منهنجي دل ۾ مدني اِنقلاب پيدا ڪري ڇڏيو ۽ ائين ان عاشقِ رسول جي ”اِنفرادي ڪوشش“ جي برڪت سان مون کي دعوتِ اسلامي جو مدني ماحول نصيب ٿي ويو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## مجلس مدرسة المدينه

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ تبليغِ قرآن سنت جي عالمگيرغيرسياسي تحريڪ دعوتِ اسلامي جتي ماڻهن کي نيڪ عمل جي رغبت ڏياري رهي آهي، اتي 103 کان وڌيڪ شعبن ۾ دينِ متين جي خدمت ۾ مصروف آهي، جنهن مان هڪ شعبو مَدَني مُنّن جي تعليم ۽ تربيت جي لاءِ مدرسةالمدينه (للبنين) ۽ مَدَني مُنّين جي لاءِ مدرسة المدينه (للبنات) قائم آهن. جن ۾ تَجْوِيد ۽ قراءَت سان قرآنِ ڪريم حفظ ۽ ناظره پڙهايو ويندو آهي.مدرسة المدينه ۾ مَدَني مُنّن ۽ مَدَني مُنّين کي دِيني تعليم سان آراسته ڪرڻ سان گڏوگڏ بالخصوص انهن جي اَخلاقي تربيت تي به خاص ڌيان ڏنو ويندو آهي، اسلامي احڪامن مطابق اسلامي زندگي گذارڻ جو انداز سيکاريو ويندو آهي، سُنّتون ۽ آداب ٻڌايا ۽ سيکاريا ويندا آهن، ماءُ پيءُ جو ادب واحترام سيکاريو ويندو آهي، ننڍن سان شفقت ۽ وڏن جو ادب ڪرڻ سيکاريو ويندو آهي، نمازن جو پابند ۽ سُنّتن جو عامل بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي، ڪوڙ ڳالهائڻ کان بچڻ جو مدني ذهن ڏنو ويندو آهي، اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مدرسة المدينه مان حفظِ قرآن جي سعادت حاصل ڪرڻ وارا هزارين خوش نصيب حُفّاظ هر سال ملڪ ۽ ٻاهرين ملڪ نمازِ تراويح ۾ قرآنِ ڪريم (مُصلّا) ٻڌڻ ٻڌائڻ جي سعادتِ عظمىٰ حاصل ڪن ٿا، هن وقت به سوين اهي حافظ جيڪي مدرسة المدينه مان حافظ ٿيا، دعوتِ اسلامي جي مختلف شعبن ۾ پنهنجون دِيني خدمتون پيش ڪري رهيا آهن، ڪو اِمامت جي مُصلّي تي آهي ته ڪو تدريس جي منصبِ اعلىٰ تي

فائز تي تعليمِ قرآن کي سڄي دُنيا ۾ عام ڪري رهيو آهي.

قُرآنِ ڪريم جو پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ٻڌڻ ٻڌائڻ سڀ ثواب جو ڪم آهي. هن جو هڪ حَرف پڙهڻ تي 10 نيڪيون ملن ٿيون، ۽ اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ قُرآنِ پاڪ هر مُسلمان جي لاءِ هدايت جو سَرچَشمو بہ آهي، ان تي عمل ڪرڻ ٻنهي جهان ۾ ڪاميابي جو سبب آهي، پر ياد رکو! عمل ڪرڻ جي لاءِ ان کي صحيح پڙهڻ، سکڻ ۽ سمجهڻ ضَروري آهي پر اَفسوس صَد افسوس! جو اسان جي اَڪثريت قُرآنِ ڪريم کي پڙهڻ، سکڻ، سمجهڻ ۽ ان تي عمل ڪرڻ کان پري ٿيندي پئي وڃي. حالانڪ ان جي تعليم جي باري ۾ پياري مُعَلِّمِ ڪائنات، فَخرِ مَوْجُودات صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ عاليشان آهي: خَيْرُكُمْ مَنْ تَعَلَّمَ الْقُرْاٰنَ وَعَلَّمَه. يعني توهان مان بهترين شخص هو آهي جيڪو قُرآن سکي ۽ ٻين کي سيکاري. (صحيح البخاري،الحديث:۵۰۲۷،ج۳،ص۴۱۰)

قرآنِ ڪريم ڪيتري قدر سکڻ ضَروري آهي ان جي باري ۾ سيدي اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيْه اِرْشاد فرمائن ٿا: ايتري تَجويد(سکڻ) جو هر حَرف ٻي حَرف کان صحيح مُمتاز هجي فَرضِ عَين آهي. بغير ان جي نماز قَطْعاً باطل آهي۔ (فتاويٰ رضويه مخرجه، ج۳ ، ص۲۵۳) اسان کي پاڻ بہ دُرست قرآنِ ڪريم پڙهڻ اچڻ گهرجي، پنهنجي مدني مُنّن ۽ مَدَني مُنّين کي تَجويد ۽ قراءت سان قُرآنِ ڪريم جي تعليم ڏيارڻ، انهن جي اَخلاقي تربيت جي ذَريعي انهن کي نيڪ ٻڻائڻ ۽ پنهنجي لاءِ صَدَقو جارِيہ ٻڻائڻ جي لاءِ مدرسةُ المدينہ ۾ داخل ڪرايو۔

عطا ہو شوق مولیٰ مَدرَسے میں آنے جانے کا
خُدایا ذَوق دے قرآن پڑھنے کا پڑھانے کا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

www.dawateislami.net

## خوفِ خدا ڇا کي چئبو آهي؟

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! يقيناً خوفِ خدا تمام وڏي نعمت آهي، جيستائين هي عظيم دولت حاصل نہ ٿئي گناهن کان بچڻ ۽ نيڪين سان پيار ڪرڻ تقريباً ناممڪن (Impossible) آهي. پر جڏهن هي عظيم دولت نصيب ٿي وڃي تہ نيڪيون ڪرڻ ۽ گناهن کان بچڻ گهڻو آسان ٿي ويندو آهي. مومن ٻانهي جي دل ۾ پيدا ٿيڻ واري خوفِ خدا جي شمع ان کي گناهن جي اونداهيءَ راهن کان بچائي نيڪ عملن جي سڌي واٽ تي گامزن رکندي آهي. اها عظيم نعمت آهي ڇا؟ خوفِ خدا ڇا کي چئبو آهي؟ اچو! هن باري ۾ ٻڌون ٿا، جيئن شيخ طريقت،اَميرِ اهلسنّت، باني دعوتِ اسلامي حضرتِ علّامہ مولانا ابُو بلال محمد الياس عطّار قادِري رَضَوِي ضِيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه پنهنجي مايہ ناز تاليف ”کفريه کلمات کے بارے میں سوال جواب“ صفحہ 26 تي فرمائن ٿا:”خوفِ خدا“ مان مراد هي آهي تہ الله عَزَّ وَجَلَّ جي خفيہ تدبير، ان جي بي نيازي، ان جي ناراضي، ان جي گرِفت (پڪڙ)، ان جي طرفان ڏني ويندڙ عذابن، ان جي غضب ۽ ان جي نتيجي ۾ ايمان جي بربادي وغيره کان خوف زده رهڻ جو نالو ”خوفِ خدا“ آهي. قرآنِ ڪريم ۾ الله ربُّ العٰلَمِين مومنن کي ڪئي هنڌن تي هن پاڪيزه صفت کي اختيار ڪرڻ جو حڪم ارشاد فرمايو آهي: جيئن سيپارو5، سُورَه نِسَاء، آيت نمبر 131 ۾ ارشادِ باري تعاليٰ آهي:

وَلَقَدْ وَصَّيْنَا الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْكِتٰبَ مِنْ قَبْلِكُمْ وَاِيَّاكُمْ اَنِ اتَّقُوا اللّٰهَ ؕ (پ5،النساء:131)

ترجموڪنزالايمان: ۽ بيشڪ اسان تاڪيد فرمائي ڇڏي آهي انهن کي جن کي توهان کان اڳ ۾ ڪتاب ڏنا ويا ۽ توهان کي بہ، تہ الله کان ڊڄو.

اهڙي طرح سيپارو 22،سورهٔأحزاب آيت نمبر70 ۾ ارشاد آهي

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اتَّقُوا اللّٰهَ وَ قُوْلُوْا قَوْلًا سَدِيْدًا ﴿۷۰﴾ ( پ22،الا حزاب: 70)

ترجموڪنزالايمان: اي ايمان وارو! الله کان ڊڄو ۽ سڌي ڳالهه چئو.

سيپارو 4 سورۂآلِعمران آيت نمبر 175 ۾ اِرشادِ باري تعاليٰ آهي:

وَخَافُوْنِ اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ﴿۱۷۵﴾ (پ۴، آلِ عمران:۱۷۵)

ترجموڪنزالايمان: ۽ مُون کان ڊِڄو جيڪڏهن اِيمان وارا آهيو.

اميرِ اهلسنت، باني دعوتِ اسلاميدَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيه اهي آيتون سڳوريون نقل ڪرڻ کان پوءِ ترغيب ڏيندي اِرشاد فرمائن ٿا: اي ڪاش! هن آيت سڳوري جي صدقي غفلت جو پردو چاڪ ٿي وڃي ۽ رحمت جي امّيد سان گڏوگڏ اسان کي صحيح معني ۾ خوفِ خدا بہ مُيَسر اچي، دُنيا جي بي ثَباتي جو حقيقي معنيٰ ۾ اِحساس ٿي وڃي، ڪاش! ڪاش !ڪاش! بُري خاتِمي جو ڊپ دل ۾ ويهي رهي، پنهنجي پروردگار عَزَّوَجَلَّ جي ناراضگين جو هر وقت خوف رهي، نَزع جي سختين، مَوت جي تلخين، پنهنجي غسلِ ميت ۽ تڪفين ۽ تدفين جي ڪيفيتن، قبر جي اونداهين ۽ وَحشتن، منڪر ۽ نڪير جي سُوالن، قَبر جي عذابن، مَحْشَر جي گرمين ۽ گهبراهٽن، پُل صراط جي دَهشتن، بارگاه الٰهي جي پيشين، ميدانِ قِيامت ۾ ننڍين ننڍين ڳالهين جي بہ پڇا ۽ سيني جي اڳيان عيب (Defect) کلڻ جي رُسوائين، جهنّم جي خوفناڪ رڙين، دوزخ جي هولناڪ سزائن ۽ پنهنجي نازن ۾ پليل بدن جي نَزاڪتن، جنّت جي عظيم نعمتن کان محرومي وغيره وغيره جو خوف اسان کي بي چين ڪندو رهي ۽ اي ڪاش ! هي خوف اسان جي لاءِ هدايت ۽ رحمت جو ذَرِيعو بڻجي وڃي جيئن تہ سيپارو 9سوره أعراف آيت نمبر 154 ۾ ارشادِ ربُّ العِباد آهي :

هُدًى وَّ رَحْمَةٌ لِّلَّذِيْنَ هُمْ لِرَبِّهِمْ يَرْهَبُوْنَ ﴿۱۵۴﴾ (پ ۹، الاعراف:۱۵۴)

تَرجَموڪنزُالايمان: هِدايت ۽ رحمت آهي اُنهن جي واسطي جيڪِي پنهنجي رب کان ڊِڄندا آهِن.

خدایا بُرے خاتمے سے بچالے
گنہگار ہے جاں بَلب یاالٰہی
نظر میں محمد کے جلوے بسے ہوں
چلوں اس جہاں سے میں جب یاالٰہی

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! آياتِ ڪريمه جي علاوه ڪئي احاديثِ طيبّه ۾ به خوفِ خدا جي ترغيب ڏياري وئي آهي، اچو! خوفِ خدا جي فضيلت تي مشتمل 3 فرمانِ مُصطفيٰ ٻڌون ٿا:

1. ارشاد فرمايائون: جنهن مؤمن جي اکين مان الله تعاليٰ جي خوف مان لڙڪ نڪرن، جيتوڻيڪ مک جي مٿي جي برابر هجي، پوءِ اهي لڙڪ ان جي چهري جي ظاهري حصّي تائين پهتا، الله تعاليٰ ان کي جهنّم تي حَرام ڪندو آهي. (شعب الايمان ،باب في الخوف من الله تعاليٰ ، ۴۹۰/۱، حديث:۸۰۲ )

2. ارشاد فرمايائون: جڏهن مؤمن جي دل الله تعاليٰ جي خَوف مان ڏڪندي آهي، ته ان جو خطائون اهڙي طرح ڇڻنديون آهن جيئن سڪل وڻ مان پن ڇڻندا آهن. (شعب الايمان ،باب في الخوف من الله تعاليٰ ، ۴۹۱/۱،حديث: ۸۰۳ )

3. ارشاد فرمايائون: جيڪو شخص خوفِ خدا سان روئيندو آهي اهو هرگز

جهنَّم ۾ نه ويندو ايستائين جو کير ٿڻ ۾ واپس موٽي. (سُنَنُ التِّرْمذي، ٢٣٦/٣، حديث:١٦٣٩)

مرے اَشک بہتے رہیں کاش ہردم ترے خوف سے یا خدا یا الٰہی !
ترےخوف سے تیرے ڈر سے ہمیشہ میں تھر تھر رہوں کانپتا یا الٰہی!

صَلُّوْاعَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان کي به کپي ته پنهنجي اندر تقويٰ ۽ پرهيزگاري جهڙي پاڪيزه وصفون پيدا ڪريون ۽ هروَقت خوفِ خدا سان اکيون آليون ڪريون ۽ ذِڪرِ الٰهي ۾ مصروف(Busy) رهون، عذابِ الٰهي، ميدانِ محشر ۽ جهنم جي احوال جي باري ۾ آياتِ ڪريمه ٻڌي سَيِّدُناعمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه جي اکين مان لڙڪ نڪرڻ لڳندا هئا. جيئن

## سوره براءت تو سناؤ!

❖ منقول آهي ته حضرت عُقبه بن عامر رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه انهن ماڻهن مان هئا جيڪي سڀ کان سٺي آواز ۾ قرآن پڙهندا هئا، هڪ دفعي اَمِيرُالمؤمنين حَضرتِ سَيِّدُنا عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه ان کي فرمايو: اي ابنِ عامر! اڄ مون کي سوره براءت ٻڌايو! انهن ان جي تلاوت شروع ڪئي ته حضرت عمر رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه گهڻو رونا. پوءِ فرمايائون: منهنجو گمان هي آهي ته اها سورت هينئر نازل ٿي آهي. (موسوعه ابن ابي الدنيا، كتاب الرقة والبكاء،ص١٨٠ ، حديث:٤٦)

## هڪ مهيني تائين عيادت:

هڪ ڀيري اَمِيرُالمؤمنين حَضرت سَيِّدُنا فاروقِ اعظم رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه ڪنهن شخص جي گهر وٽان گذريا، هو شخص ان وقت سوره طُور جي تلاوت ڪري رهيو هو. پاڻ بيهي ان جي تلاوت ٻڌڻ لڳا، جڏهن هو شخص هن آيتِ ڪريمه تي پهتو: ﴿اِنَّ عَذَابَ رَبِّكَ لَوَاقِعٌ ۝ مَّا لَهٗ مِنْ دَافِعٍ ۝﴾ ڪنزُالايمان: بيشڪ تنهنجي ربّ جو

عذاب ضرور تي رهڻو آهي ان کي ڪوبہ ٽارڻ وارو ڪونهي . (پ ۲۷، الطور:۷،۸)
تہ پاڻ پنهنجي دراز گوش (گڏھ) کان هيٺ تشريف فرما ٿي ديوار جي سهاري
ويهي رهيا ۽ گهڻي دير تائين هنن آيتن ۾ غور ۽ فڪر ڪندا رهيا، ان کان پوءِ
پنهنجي گهر واپس موٽيا ۽ هڪ مهيني تائين بيمار رهيا. ماڻهو سندن عيادت
جي لاءِ ايندا هئا پر ڪنهن کي هي خبر نہ هئي تہ سندن جي بيماري جو سبب
ڇا آهي. (احياء العلوم ، ۲۲۶/۴)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان کي بہ روزانو ترجمو ۽ تفسير سان قرآنِ پاڪ
جي تلاوت ڪرڻ گهرجي ۽ سيرتِ فاروقي تي عمل ڪندي آياتِ مبارڪ ۾
عذابات جو تذڪرو پڙهي روئڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي ۽ روئڻ نہ اچي تہ
روئڻ جهڙي صورت ئي ٺاهڻ گهرجي، پر ياد رکو! تہ قبر ۽ حشر ۽ حساب ۽
ميزان وغيره جا حالات ٻڌي يا پڙهي صرف ڪجھ زاري ڪرڻ ...يا... پنهنجي
مٿي کي ڪجھ دفعا هيڏانهن هوڏانهن لوڏڻ ...يا... رڳو افسوس ڪرڻ...يا
وري... ڪجھ لڙڪ وهائڻ ڪافي ناهي، بلڪ هن سان گڏوگڏ خوفِ خدا جي
عملي تقاضن کي پورو ڪندي گناهن کي ترڪ ڪرڻ ۽ اطاعتِ الٰهي ۾
مشغول ٿيڻ بہ اُخروي نجات جي لاءِ بيحد ضروري آهي. اسان کي کپي تہ پنهنجو
محاسبو ڪريون ۽ سوچيون تہ اڃا تائين اسان پنهنجي زندگي (Life) جا
ڪيترا ساھ کڻي چڪا آهيون، هن فاني دنيا ۾ پنهنجي حيات جا ڪيترا
ڏينهن گذري چڪا آهن، ننڍپڻ، جواني، پوڙهائپ مان پنهنجي عمر جا ڪيترا
دور اسان گذاري چڪا آهيون؟ ۽ هن دوران ڪيتري ڀيرا اسان هن نعمتِ
عظميٰ کي پنهنجي دل۾محسوس ڪيو؟ ڇا ڪڏهن اسان جي بدن بہ الله عَزَّ وَجَلَّ
جي ڊپ مان ڏڪڻي ورتي؟ ڇا ڪڏهن اسان جي اکين مان خشيتِ الٰهي جي
ڪري لڙڪ نڪتا؟ ڇا ڪڏهن ڪنهن گناھ جي لاءِ ڪنيل اسان جا قدم ان جي
نتيجي ۾ ملڻ واري سزا جو سوچي واپس ٿيا؟ ڇا ڪڏهن اسان الله تعاليٰ جي
بارگاھ ۾ حاضري ۽ ان جي طرفان ٿيندڙ گرفت جي ڊپ مان زندگي جي
ڪنهن رات جي ڪا گهڙي خوف ۾ ڪاٽي؟ ڇا ڪڏهن ربّ تعاليٰ جي ناراضگي

جو سوچي اسان کي گناهن سان وحشت (Fear) محسوس ٿي؟ ڇا ڪڏهن پنهنجي مالڪ عَزَّ وَجَلَّ جي رضا کي ماڻڻ جي خواهش سان اسان جي دل جي دنيا زيروزبر ٿي؟ جيڪڏهن جواب ها ۾ هجي ته سوچيو ته جيڪڏهن اسان هنن ڪيفيتن کي محسوس به ڪيو ته ڇا خوفِ خدا جي عملي تقاضن تي عمل پيرا هئڻ جي سعادت حاصل ڪئي يا رڳو هنن ڪيفيتن جي دل تي طاري ٿيڻ تي مطمئن ٿي وياسين ته اسان الله تعاليٰ کان ڊڄڻ وارن مان آهيون؟ جيڪڏهن هنن سوالن جو جواب نفي(Negative) ۾ اچي ته غور ڪرڻ گهرجي ته ڪٿي ائين ته ناهي ته گناهن جي ڪثرت جي نتيجي ۾ اسان جي دل سخت کان سخت تر ٿي چڪي آهي، جنهن جي ڪري اسان هنن ڪيفيتن کان اڃا تائين ناآشنا آهيون. جيڪڏهن واقعي ائين آهي ته تشويش جي ڳالهه آهي ته اسان جي ڪساوتِ قلبي (يعني دل جي سختي) ۽ ان جي نتيجي ۾ پيدا ٿيڻ واري غفلت ڪٿي اسان کي جهنم جي وڏي گهرائين ۾ نه ڪرائي ڇڏي. (مَعَاذَاللهعَزَّوَجَلَّ)

## بُري ۽ چڱي صحبت جو اثر:

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! پنهنجي دل ۾ الله عَزَّ وَجَلَّ جو سچا خوف پيدا ڪرڻ جي لاءِ چڱي صحبت هئڻ بيحد ضروري آهي ڇوته سٺي صحبت انسان کي نيڪين جي راهه تي گامزن رکندي آهي، جڏهن ته بُري صحبت ڏينهو ڏينهن گناهن جي دلدل (Marsh) ۾ ڦهڙي ويندي آهي. افسوس! اڄ اسان بُرن دوستن کان پاسو نٿا ڪيون، پنهنجن قيمتي گهڙين کي دوستن سان گڏ فضول ڳالهين، مذاق مسخرين ۽ غير سنجيده حرڪتن ۾ وڃائيندا آهيون. ياد رکو! بُرو دوست ايمان جي لاءِ نقصان جو سبب ثابت ٿي سگهي ٿو. اسان جي پياري پياري آقا، مڪي مدني مصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ عبرت نشان آهي: انسان پنهنجي دوست جي دِين تي هوندو آهي ان کي هي ڏسڻ گهرجي ته ڪنهن سان دوستي ڪري پيو. (مُسند احمد، ٣/ ١٦٨ ،حديث:٨٠٣٢)

مشهور مفسرِ قرآن حضرت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ الله تَعَالٰى عَلَيه هن حديث

پاڪ جي تحت فرمائن ٿا: ڪنهن سان دوستي ڪرڻ کان اڳ ۾ ان کي جانچيو تہ الله (عَزَّوَجَلَّ ) رسول( صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ) جو فرمانبردار آهي يا نہ. صُوفي سڳورا فرمائن ٿا تہ انساني طبيعت ۾ اَخذ يعني وٺڻ جي خاصيت (Quality) آهي. حَريص جي صحبت کان حرص ،زاهد جي صُحبت کان زُهد ۽ تقوٰي ملندو. (مرأة المناجيح، ٥٩٩/٦)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! يقيناً اهو ئي سبب آهي تہ اَمِيرُالمؤمنين حَضرتِ سَيدُنا فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہ پاڻ خوفِ خدا رکڻ وارا هئا تہ پاڻ جي صحبتِ بابرڪت مان فيض ماڻڻ وارا بہ خوفِ خدا جا پيڪر بڻجي ويندا هئا. جيئن تہ حضرت سيدُنا مِسوَر بن مَخرَمَہ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيْه کان روايت آهي، فرمائن ٿا:

كُنَّا نَلْزَمُ عُمَرَبْنَ الْخَطَّابِ نَتَعَلَّمُ مِنْه الْوَرَعَ يعني اسان امير المؤمنين حضرت سيدُنا عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہ سان گڏ ئي رهندا هئاسين تہ جيئن تقويٰ ۽ پرهيزگاري سکون. (طبقات ڪبري، ج٣، ص٢٢٠) ۽ جهڙي طرح پاڻ متّقي ۽ پرهيزگار هئا، اهڙي طرح ٻين کي بہ تقويٰ ۽ پرهيزگاري جي نصيحت ڪندا هئا. جيئن حضرت

سيدُنا يحيٰي بن جعده رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيْه کان روايت آهي تہ هڪ ڀيري اَمِيرُالمؤمنين حَضرتِ سَيدُنا عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہ حضرت سيدُنا سامر رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيْه وٽان گذريا تہ انهن کي سلام ڪيائون ۽ اِرشاد فرمايائون: وَ الَّذِی لَا اِلٰه اِلَّاهُوَ مَا مِنْ اِلٰه اِلَّا الله وَاُوْصِيكُمْ بِتَقْوَى الله يعني ان ربّ جو قسم!جنهن کان سوا ڪو معبود ناهي!الله عَزَّوَجَلَّ کان سوا ڪو معبود ناهي ۽ مان توهان کي الله عَزَّ وَجَلَّ کان ڊڄڻ جي وصيت (Advise) ڪيان ٿو.“ (مصنف عبد الرزاق،ج١، ص٤١٤، حديث٢١٣٧)

پاڻ فرمائن ٿا: كَرَمُ الْمُؤمِنِ تَقْوَاه يعني مومن جي عزّت ان جو تقويٰ ۽ پرهيزگاري آهي.“ (جامع الاصول، ٦٥٣/١١) سندن جي هن فرمان جو اشارو قرآنِ پاڪ ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جي فرمانِ عاليشان ڏانهن آهي:

اِنَّ اَكْرَمَكُمْ عِنْدَ اللهِ اَتْقٰكُمْ ؕ ترجموڪنزالايمان: بيشڪ الله وٽ توهان ۾

(پ٢٦،الحجرات:١٣) زياده عزت وارو اهو آهي جيڪو توهان مان وڌيڪ پرهيزگار آهي.

الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي حضرت سَيدُنا فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي سيرتِ مبارڪ تي هلندي، سندن عبادت گذاري، تقويٰ ۽ پرهيزگاري ۽ خوفِ خدا سبب اشڪباري جهڙيون پاڪيزه صفتون اپنائڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان ٻي خليفي،اَمِيرُالمؤمنين حَضرتِ سَيدُنا عمربن خطاب رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي خوفِ خدا جي باري ۾ ٻڌو ته ♣ پاڻ خوفِ خدا جا پيڪر هئا ۽ خوفِ خدا جي ئي ڪري پاڻ ♣ دنيا کان بي رغبت رهندا هئا ♣ اڪثر وقت ذِڪرُالله ڪندا رهندا هئا. ♣ پاڻ حقيقي عبادت گذار هئا. ♣ سندن سچي زندگي زُهد ۽ تقويٰ ڀري هئي. ♣ سندن اکيون اڪثر وقت خوفِ خدا سبب تر رهنديون هيون. ♣ خوفِ خدا جو هي عالم هو جو پاڻ هن دنيا ۾ پيدا نه ٿيڻ جي تمنا (Wish) ڪندا ها. ♣ ٻين کي به تقويٰ ۽ پرهيزگاري جو درس ڏيندا هئا. ♣ ٻين کان خوفِ خدا واريون ڳالهيون ٻڌندا هئا. ♣ متّقي اهڙا هئا جو سندن صحبت ۾ رهڻ وارا به خوفِ خدا جا پيڪر بڻجي ويندا هئا. ♣ ٻارن کان پاڻ لاءِ دعا ڪرائيندا هئا،الله عَزَّوَجَلَّ جي خفيه تدبير کان هميشه ڊڄندا رهندا هئا.

الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي به حضرت سَيدُنا فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي نقشِ قدم تي هلڻ جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِى الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺامٺا اسلامي ڀائرو !بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدار رسالت،

شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللهُ تَعَالٰي عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. (1)

سینہ تری سنّت کا مدینہ بنے آقا
جنّت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## زُلف رکڻ جون سنتون ۽ آداب

اچو! مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل ڪتاب "سنتين اورآداب" مان زُلف رکڻ جون سنتون ۽ آداب ٻڌون ٿا. اسان جي پياري مدني آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي سنّتِ ڪريمہ آهي جو پاڻ ڪريمن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هميشہ پنهنجي مٿي مبارڪ جا وار شريف پورا رکيا. ڪڏهن اڌ ڪن مبارڪ تائين تہ ڪڏهن ڪن مبارڪ جي پاپڙين تائين ۽ ڪڏهن ڪڏهن پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا زلف مبارڪ وڌي ويندا هئا تہ مبارڪ ڪلهن کي ڪي چمندا هئا. (۱)چاهيو تہ اڌ ڪنن تائين زلف رکو جو حضرت سيّدُنا انس بن مالڪ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْه فرمائن ٿا تہ مديني واري آقا، محمد مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا مبارڪ وار اڌ ڪنن تائين هئا. (جامع الترمذي،الشمائل باب ماجاء في شعر رسول الله صلي الله تعاليٰ عليه وأله وسلم الحديث ٢٤ ص٥٠٧) چاهيو تہ پوري ڪنن تائين زلف رکو ڇوتہ حضرت سيّدُنا براء بن عازب رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْه فرمائن ٿا تہ سلطانِ مدينہ، راحتِ قلب وسينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو قد مبارڪ وچولو هو، ٻنهي مبارڪ ڪلهن جي وچ ۾ فاصلو هو ۽ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا زلف مبارڪ مقدس

---

[1]...مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،١/٩٧،حديث:١٧٥

www.dawateislami.net

ڪنن کي چمندا هئا. (شمائل ترمذي ،باب ماجاء في خلق رسول الله صلي الله تعالي عليه ،الحديث٣،ص١٧)

**چاهيو ته ڪلهن تائين زلف وڌايو، جيئن اُمُّ المُومنين حضرت سيّدَتُنا عائشه صديقه** رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہَا **فرمائن ٿيون ته منهنجي آقا** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم **جي مٿي مبارڪ جا وار ڪنن مبارڪن جي پاپڙين کان ٿورو هيٺ تائين هوندا هئا ۽ مبارڪ ڪلهن کي چمي رهيا هوندا هئا.** (شمائل ترمذي ،باب ماجاء في خلق رسول الله صلي الله تعالي عليه ،الحديث٢٥،ص٣٥) **مٿي جي وچ مان سينڌ ڪڍي وڃي جو سنت آهي جيئن ته صدر الشريعه بدرالطريقه مفتي محمد امجد علي اعظمي** رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ **بهارشريعت ۾ لکن ٿا ته ڪي ماڻهو ساڄي يا کاٻي پاسي سينڌ ڪڍندا آهن، اها سنّت جي خلاف آهي. سنّت اها آهي ته جيڪڏهن مٿي جا وار هجن ته وچ مان سينڌ ڪڍي وڃي ۽ ڪي ماڻهو سينڌ نٿا ڪڍن بلڪ وارن کي سڌو رکن ٿا هي يهودين ۽ عيسائين جو طريقو آهي .**

**طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ** مكتبة المدينه **جي شايع ٿيل ڪتاب** 312 **صفحن تي مشتمل ڪتاب "بهار شريعت" حصو** 16 **۽** 120 **صفحن جو ڪتاب"سنتيں** اور**آداب" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.**

سیکھنے سنّتیں قافلے میں چلو     لوٹنے رحمتیں قافلے میں چلو
ہوں گی حل مشکلیں قافلے میں چلو     پاؤگے برکتیں قافلے میں چلو

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب!     صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

www.dawateislami.net

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### (1) جمعه جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.(1)

### (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.(2)

---

1...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

2...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[1]

## (4) ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ الهَادِى کن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[2]

## (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِىَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِىَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.[3]

## (6) دُرُود شَفَاعت

[1] ...القول البديع، الباب الثانى، ص277،

[2] ...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

[3] ...القول البديع، الباب الاول، ص125

www.dawateislami.net

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[1]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْھما کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[2]

## (2) ڄڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم ۽ ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّ وَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو ڄڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

---

[1] ... الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١

[2] ... مجمع الزوائد،ڪتاب الادعية،باب فی ڪيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305

www.dawateislami.net